# جهڙو راڄ تهڙو ياڳ

هڪڙي بادشاهه خواب لڌو، ڏٺائين ته سندس سمهڻ واري ڪوٺيءَ ۾ هڪڙي لومڙي پئي ڦٿڪي. صبح جو بادشاهه سيني اميرن، وزيرن ۽ نجومين کي خواب ٻڌايو؛ پر انهن مان ڪوبه ان جو تعبير نه ٻڌائي سگهيو.

پوءِ ته سڄي بادشاهيءَ ۾ پڙهو گهمايو ويو، ته جيڪو به خواب جو تعبير ٻڌائيندو، تنهن کي وڏو انعام ڏنو ويندو.

ڳچ ڏينهن گذري ويا، پر خواب جي تعبير ٻڌائڻ لاءِ ڪوبه ڪونه آيو. نيٺ اها خبر هڪ ڏينهن هڪڙي ڪُڙميءَ تائين پهتي. هو به خواب جي تعبير ڪرڻ لاءِ توڪل ڪري نڪري پيو. واٽ تي هڪ جابلو لَڪ هو جتان هن کي لنگهڻو هو. اتي پهتو ته ڏسي ته هڪ واسينگ نانگ وينو آهي. هن نانگ کي چيو ته ”نانگ! مون کي واٽ ڏي، جو بادشاهه کي خواب جو تعبير ٻڌائڻ پيو وڃان.“ نانگ چيس ”اڙي ڪُڙمي! بادشاهه کي نجومي به تعبير نه ٻڌائي سگهيا، سو تون ڪيئن ٻڌائيندين؟ جي تون چوين ته آءٌ توکي تعبير ٻڌايان، پر ان لاءِ منهنجو شرط آهي، ته انعام جو اڌ مون کي ڏيندين.“ ڪُڙميءَ نانگ جو شرط مڃيو ۽ خواب جو تعبير ٻڌي روانو ٿي ويو.

دربار ۾ پهچي ڪڙميءَ خواب جو تعبير ٻڌائڻ جي اجازت گهري. بادشاهه کيس اجازت ڏني، ڪُڙمِيءَ چيو: ”بادشاهه سلامت! لومڙي هڪ دغاباز، بزدل ۽ مڪار جانور آهي؛ تنهنڪري

توهان کي سمجهڻ کپي ته رعيت ۾ دغابازي، مڪاري ۽ رياڪاري وڌي ويئي آهي. جيڪڏهن اها بند نه ٿي ته پوءِ حڪومت کي نقصان پهچندو.” بادشاهه کي ڳالهه دل سان لڳي ۽ هن ڪُڙميءَ کي وڏا انعام اڪرام ڏنا.

ڪُڙمي انعام وٺي واپس پئي آيو، ته خيال ڪيائين ته ڇو نه ٻيو رستو وٺي گهر وڃان! نه ته نانگ کي انعام جو اڌ ڏيڻو پوندو. سو هو ٻيو رستو وٺي گهر پهتو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ بادشاهه وري ٻيو خواب لڌو، ته سندس محل ۾ هڪ اگهاڙي ترار پئي لٽڪي. صبح جو بادشاهه ان ڪُڙميءَ ڏانهن ماڻهو موڪليو. هاڻي ته ڪُڙمي اچي ڦاٿو. نانگ سان ته هن دوکو ڪيو هو. هاڻي ڇا ڪري؟ نيٺ دل مضبوط ڪري نانگ وٽ ويو ۽ ان کي منٿون ڪرڻ لڳو. نيٺ نانگ کيس چيو ته: “اڳي به تو قول ڪونه پاڙيو، پر هاڻي واعدو ڪر ته انعام جو اڌ ضرور مون کي ڏيندين!” ڪُڙميءَ هائوڪار ڪئي ۽ خواب جو تعبير ٻڌي روانو ٿيو.

بادشاهه وٽ پهچي ڪُڙميءَ کيس ٻڌايو ته: “جيئندا قبلا! ترار جو ڪم آهي خونريزي. اوهان جا دشمن اوهان جي پنيان اگهاڙي ترار کنيو پيا گهمن. اوهان به ترار جي زور سان انهن جو سر يڪدم قلم ڪري ڇڏيو.” بادشاهه کي ڳالهه دل سان لڳي. هن ڪُڙميءَ کي جهجها انعام اڪرام ڏنا. هڪ ترار به تحفي ۾ هن کي ڏنائين. ڪُڙمي خوش ٿيندو گهر ڏانهن موٽيو؛ پر واٽ تي وري به دل ۾ بي ايماني پيدا ٿيس، دل ۾ چوڻ لڳو ته، نانگ کي اڌ

حصو چو ڏيان! جڏهن نانگ واري لَڪ وٽ پهتو ته نانگ کي ڏسي ڪٽي ترار هنيائين. نانگ ويچارو ڀڄي ٻرَ ۾ گهڙي ويو. ڪُڙمي اچي گهر پهتو ۽ سک سان زندگي گذارڻ لڳو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ بادشاهه وري به ڪو خواب لڌو. هن وري ڪُڙميءَ ڏانهن ماڻهو موڪليو. ڪُڙمي ته هاڻي آزار ۾ پئجي ويو؛ پر وري به نانگ وٽ ويو. نانگ چيس ته: "هاڻي وري چو آيو آهين؟" ڪُڙميءَ، نانگ کي ڏاڍيون منٿون ڪيون. "ٻيلي، منهنجون خطائون بخش ڪر. هن خواب جو تعبير ٻڌاءِ نه ته مفت ۾ مارجي ويندس." تنهن تي نانگ چيس ته: "چڱو، توکي خواب جو تعبير ٻڌايان ٿو، پر واعدو ڪر ته هن ڀيري انعام جو اڌ ضرور ڏيندين!" ڪُڙميءَ هائوڪار ڪئي ۽ خواب جو تعبير ٻڌي روانو ٿيو.

بادشاهه وٽ پهچي ڪُڙمي چيو ته "بادشاهه سلامت! اوهان خواب ۾ ڍڳي ڏٺي آهي. توهان گونگي ڳانءِ وارو پهاڪو ته ضرور ٻڌو هوندو! سو ائين سمجهو ته اوهان جي رعيت هاڻي ڳئون وانگر نِماڻي ٿي چڪي آهي. اوهان جي حڪومت کي هاڻي ڪوبه لوڏو نه آهي!" اهو ٻڌي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو. ڪُڙمي به پنهنجو انعام وٺي روانو ٿيو.

ڪُڙمي هن ڀيري سڌو نانگ وٽ آيو. سمورو انعام آڻي نانگ آڏو رکيائين. نانگ چيس ته، "ادا آءٌ ڪو انعام جو بُکيو نه آهيان. مون ته رڳو تنهنجو آزمودو ٿي ورتو. پر ان ۾ تنهنجو ڏوهه نه آهي. چو ته ملڪي حالتن جو اثر رعيت تي پوندو آهي. پهرئين

پيري ملڪ ۾ فريب ۽ دغا هئي؛ سو تو بہ مون سان دغا ڪئي.
ٻئي پيري ملڪ ۾ فساد ۽ خونريزي هئي، سو تو بہ ائين ڪيو.
ھاٽي ملڪ ۾ امن امان آهي، سو تون پاڻ هلي آيو آهين انعام ڏيڻ.
ٻڌو ڪونہ اٿئي تہ "جهڙو راڄ تهڙو پاڄ، جهڙو راجا، تهڙي پرجا!"
(تلخيص: ڊاڪٽر سحر امداد)

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- بادشاهہ پهريون خواب ڪهڙو لڌو؟
2- ڪُڙميءَ کي خواب جو تعبير ڪنهن ٻڌايو؟
3- بادشاهہ ٻيو پيرو ڪهڙو خواب لڌو؟
4- بادشاهہ ٽيون پيرو خواب ۾ ڇا ڏٺو؟
5- نانگ ڪهڙي شرط تي ڪُڙميءَ کي خوابن جو تعبير ٻڌايو؟
6- هن آکاڻيءَ مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:
ڳچ – قول – خونريزي – تحفي – ٻيلي – آزمودو
پرجا – نيٺ – جابلو – ڪُڙمي – واٽ .